ومي سدا رنگاڻي
آديپور (ڪڇ) ڀارت

# شاهہ جي رسالي جا ڀارت ۾ ٿيل ترجما

***Abstract***

**Risalo of Shah Abdul Latif Bhitai – Translations in India**

*This paper contains translations in two languages viz : Hindi and Gujrati, of The Risalo of Shah Abdul Latif Bhitai. (Selected Poems), made by Ms. Vimi Sadarangani. Actually the paper is comprising of three parts, the remaining two are: 'Importance of translations', and 'Seven-pronged approach model on the importance and assessment of the art of Translations.*

*The first part of the paper speaks precisely about the importance of translations by quoting the translation of 'Geentangali' of Tagore from Bengali and that of Risalo of Shah Latif in English by H.T. Sorley.*

*In the second part, seven pronged assessment of art of translations has been presented as to whether the translations convey the message and thought content in proper way, with proper language and required knowledge to the reader.*

*The final part is the translation of selected poems of Shah Abdul Latif of Bhit in Hindi and Gujrati Languages.*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**هي** مقالو ٽن ڀاڱن تي ٻڌل آهي:

1. ترجمي جي اهميت
2. ترجمي جي پرک لاءِ ست پاسائي وهنوارڪ ماڊل
3. شاهہ جي رسالي جا ڀارت ۾ ٿيل ترجما

## 1. ترجمي جي اهميت:

اَڄ سڄي دنيا جي ادب، سائنس، تواريخ ۽ تهذيب کان جي اسين واقف ٿيا سگهيا آهيون ته ان جو شرف ترجمي کي آهي. ترجمن جي ضرورت ۽ اهميت هر دؤر ۾ رهي آهي. هڪ ٻوليءَ ۾ ڏنل ڄاڻ ۽ معلومات سان گڏ، ٻولي ۽ احساس به ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمي ذريعي پهچن ٿا. دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين جون شاهڪار رچنائون، ترجمن وسيلي ائين هڪ ٻوليءَ کان ٻيءَ ٻوليءَ جو سفر طئي ڪن ٿيون، ان ڪري ضروري آهي ته پنهنجي ٻوليءَ کي ٻين ٻولين تائين ترجمي ذريعي پهچائجي. گروديو ربيندرناٿ ٺاڪور کي 'گيتانجيلي' جي ترجمي تي ئي نوبيل انعام حاصل ٿيو هو. ادبي ترجمي جي اهميت جو اندازو هن هڪ مثال مان لڳائي سگهجي ٿو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڳڻپ دنيا جي مهان شاعرن ۾ ٿئي ٿي. ڊاڪٽر ايڇ. ٽي. سورلي، شاهه صاحب کي دنيا جي ستن مهان ڪلاسيڪل شاعرن جي صف ۾ درجو ڏنو آهي. صوفي مت کي مڃيندڙن لاءِ توڙي شاعريءَ جي شائقن جي دلين ۾ شاهه صاحب صوفي سنت ۽ شاعر طور اعليٰ جڳهه والاري ٿو، پر ان سان گڏ مان اهو به مڃان ٿي ته شاهه سائينءَ دنيا جي ادب ۾ جنهن درجي جو حقدار آهي، اهو درجو ڪيس اڃا تائين حاصل ڪونه ٿيو آهي. ڏوهه شاهه صاحب جي شاعريءَ جو نه، پر اسان جو آهي. اسين شاهه کي روحاني شاعر طور قبول ڪيون ٿا، شاهه جو راڳ ڳايون ٿا، شاهه تي اڀياس پڻ ڪيون ٿا، پر شاهه جي شعر جي خوشبوءِ کي پاڻ تائين محدود رکي سچ ته ڄڻ گناهه ڪيون ٿا. مون جيترا ڀيرا غير سنڌين کي شاهه جو ڪو بيت ٻڌايو آهي، اوترا ڀيرا ٻڌندڙن وٽان شاهه لاءِ تعريف سان گڏ، شاهه جي ترجمي جي فرمائش به ٻڌي آهي. اڄ جڏهن سڄي دنيا روحاني ۽ صوفي شعر جي ديواني آهي، تعصب ۽ مت ڀيد کي رد ڪندي امن ۽ شانتي چاهي ٿي، تڏهن شاهه جو شعر سچ ته ٿڪندڙن دلين ۽ روحن کي سڪون ۽ راحت بخشڻ جي قوت پڻ رکي ٿو. شاهه جي شاهاڻي شعر کي دنيا وارن تائين پهچائڻ جو ڪم ترجمي وسيلي ئي ٿي سگهي ٿو. شاهه صاحب ۽ ترجمي جي اهميت کي ڌيان ۾ رکي مون پنهنجي مقالي لاءِ 'شاهه جو رسالو' جي پارت ۾ ٿيل ترجمن کي کنيو آهي.

## 2. ترجمي جي پرک لاءِ ست پاسائي وهنوارڪ ماڊل

مون سال 2010ع ۾ گجرات يونيورسٽيءَ جي هندي وڀاڳ مان ڊاڪٽر رنجنا



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اَرگڙي جي رهنمائيءَ هيٺ ’اَنوان ڪي سمسيائين، سنڌي اور هندي ڪا پار سپرڪ اَڌيَيَن‘ (ترجمي جا مسئلا: سنڌي ۽ هنديءَ جو خاص اڀياس) تي پي. ايڇ. ڊي ڪئي آهي. منهنجو اڀياس ڪيتر ترجمو آهي.

اڄ به ترجما گهڻو داخلي آهن. ترجمي ۾ بيشڪ داخليت جي به گهرج آهي، پر گهڻا ترجما ڄاڻ ۽ گيان جي سهاري، ڪنهن سرشتي ڪان سوا ٿين ٿا ۽ انهن جي پرک به عام طور تي داخلي، ڪنهن ڪتابي تنقيد يا مضمون جهڙي ٿئي ٿي. مون پنهنجي اڀياس ۾ ترجمي جي پرک لاءِ هڪ ست پاسائي وهنوارڪ ماڊل ڏنو آهي، جيڪو هن نموني آهي:

1. **سُوچنا جو ٽرانسفر**

| | |
|---|---|
| i) جاڳِتڪ (جڳت سان واسطيدار) ٻوليءَ | پسو پکي، جاگرافي، سريري ڪريائون، نالا وغيره. |
| ii) سماجي ۽ تهذيبي ٻوليءَ | اصطلاح، پهاڪا، رشتاناتا، ريتيون رواج، پهراءُ، لوڪ سنسڪرتي. |

2. **ڀاشائي ٻوليءَ**

| | |
|---|---|
| i) لفظ (Vocabulary) | رواجي، خاص، پارڀاشڪ |
| ii) گرامر | جمع، عدد، ڪارڪ، اگريمينٽ، جملو، سرونام، ڪال ورتي |
| iii) عبارت يا شيلي | ڇند، النڪار، شبد شڪتيون (اَڀِدا، لڪشڻا، وينجنا)، ڊائلاگ |
| 3. ڀاشا ڀيد | جاگرافيائي، سماجڪ |
| 4. لپي | ساڳي، ڌار |
| 5. ورتني/هِجي | ساڳي، ڌار |
| 6. نظريو | سياسي، مذهبي |
| 7. ترجمو ڪندڙ/ مترجم | ٻنهي ٻولين تي مهارت وشيه جي ڄاڻ، سنويدن شيلتا |

مٿي ڄاڻايل ستن پاسن ۽ ان جي ٻين آڌارن تي اصل رچنا ۽ ترجمي ۾ ڀيٽ ڪري پرک ڪري سگهجي ٿي. ان پرک جو مقصد رڳو تنقيد نه، پر ترجمي مهل درپيش

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مسئلن کي ڳولهڻ ۽ ان جو نبيرو ڪرڻ بہ آهي.

اهو ماڊل اڃا شروعاتي ڏاڪي تي آهي. مون پنهنجي ٿيسز ۾ استعمال ڪيو آهي. ان جي سڌاري ۽ واڌاري جي گهڻي گنجائش آهي، جيڪا ان جي وڌيڪ استعمال ڪرڻ سان سامهون ايندي.

هن مقالي جو مقصد شاهہ جي رسالي جي ڀارت ۾ ٿيل ترجمن جي ڄاڻ ڏيڻ ۽ اُن جي ٿوري ۾ اوک ڊوک (تنقيدي تجزيو) ڪرڻ آهي. مقالي جي اختصار سبب، ڏنل ماڊل جي آڌار تي اونهي پرک ڪرڻ ڏکي ٿيندي، تنهن ڪري ترجمن جي ڪجهہ مثالن کي ڪٽي جائزو ورتو ويو آهي.

## 3. شاهہ جي رسالي جا ڀارت ۾ ٿيل ترجما

’شاهہ جو رسالو‘ جا ڀارت ۾ ڪل ٽي ترجما ملن ٿا:

i) هندي ترجمو – مَٽي شنڪر دوويديءَ جو ڪيل ’شاهہ لطيف ڪا ڪاويہ‘ (ساهتيہ اڪادمي، دهلي 1969ع)

ii) گجراتي ترجمو – دُليراءِ ڪاراڻيءَ جو ڪيل ’رسالو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو‘ (دُليراءِ ڪاراڻي، احمدآباد، 1979ع)

iii) انگريزي ترجمو – انجُو ماکيجا ۽ هري درياڻي ’دلگير‘ جو ڪيل Shah Abdul Latif Seeking the ‘Beloved’ (ڪٿا، دهلي 2005ع)

انهن ٽنهي ترجمن بابت ٿوري ڄاڻ ۽ اوک ڊوک هن ريت آهي:

### (الف) هندي ترجمو - ’شاهہ لطيف ڪا ڪاويہ‘

ڀارت ۾ شاهہ جي رسالي جو سڀ کان پهريون ترجمو هنديءَ ۾ ٿيل آهي، جيڪو ساهتيہ اڪادمي، دهليءَ 1969ع ۾ شايع ڪيو (ص: 248). هيءُ ترجمو هڪ غيرسنڌي، شري مَٽي شنڪر دوويديءَ نثر ۾ ڪيو آهي.

ترجمي جي شرعات ۾ ترجمان پاران ڏنل ’بہ لفظ‘ مان ڄاڻ ملي ٿي تہ جوڌپور ۾ رهندڙ مٽي شنڪر جو پتا صاحب سنسڪرت جو ودوان ۽ ويدڪ ساهتيہ جو ڄاڻو هو. مهاراشٽر مان تعليم حاصل ڪري پرڏيهہ ۾ ڌن ڪمايائين ۽ انهيءَ مقصد سان حيدرآباد (سنڌ) ويو هو. جڏهن سنان لاءِ سنڌوءَ جي ڪناري پهتو تہ مهاراج نَين رام

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مود گليہ سان سندس ملاقات ٿي. سنت سياءَ واري مهاراج ۽ شري جي شنڪر جي وچ ۾ چڱي ويجهائي ٿي ويئي. مهاراج جي سنگت جو اثر جي شنڪر تي گهرو پيو. مهاراج جي گهر جهاجهہ ۽ ڪرتال تي رامايڻ ۽ سنڌي ڀڄن ۽ ڪلام ڳايا ويندا هئا. مٽي شنڪر، سندس پياءُ ۽ ماءُ بہ ان ۾ شامل ٿيندا هئا ۽ چاهہ سان ٻڌندا هئا. ان ڳالهہ جو ذڪر اتي ان لاءِ ضروري آهي جو اهي ڪلام ٻڌي مٽي شنڪر ڪي سنتن جي ٻاٽي ڳائڻ تي دل ٿي ۽ راج رشي ديوان ديارام جي 'گدومل سنسڪرت پاٺشالا' ۾ سنت ساهتيہ جو اڀياس شروع ڪيائين.

مٽي شنڪر پاڻ ٻڌائي ٿو تہ، "سنڌ ۾ اچ وڃ ۽ اتي ئي تعليم حاصل ڪرڻ ڪري اتان جي سنت ۽ صوفي ادب سان لڳاءُ مون جهڙي سياءَ واري شخص لاءِ سڀاويڪ هو. سنڌي ادب ۾ تمام اونچي درجي جو لاثاني شاعر آهي 'شاهہ عبداللطيف'. سندس شعر مون ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪيو، پر اڀياس ڪيئن ڪريان؟ سنڌي ٻوليءَ جي رواجي ڄاڻ ان لاءِ ناڪافي هئي ۽ لِپيءَ جي ڄاڻ مون ڪي اصل ڪانہ هئي. تڏهن مهاراج نين رام جي پٽ لوڪرام شرما مون ڪي پنهنجي پتا جو لکيل هڪ ڳُٽڪو ڏنو. ديوناگري لپيءَ ۾ مون شاهہ جا ڏيڍ هزار کن چونڊ بيت پڙهيا ۽ بمبئي ۾ ٿيل هندي ڪانفرنس ۾ ويهن صفحن جو هڪ مقالو ان تي پيش ڪيو. اهو مقالو هندي ودوان راج رشي پرشوتم داس ٽَنڊن کي بيحد پسند آيو ۽ هن مون ڪي ترجمي لاءِ همٿايو."

شاهہ جي بيتن جو ترجمو ڪو رواجي ڪم ڪونہ هو. مٽي شنڪر پنهنجو اڀياس شروع ڪيو ۽ سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿيڻ تي جيٺمل پرسرام ۽ لالچند امرڏنيمل کان مدد ورتي، پر اهو طريقو وڌيڪ سٺو ڪونہ لڳو، تنهن ڪري پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ سان سنپرڪ ڪري، سڄو مهينو روز ان سان ويهي، اهي سڀئي بيت ٻڌائين ۽ سمجهيائين، جيڪي هن ترجمي ڪرڻ لاءِ چونڊيا هئا. ان طرح چونڊ بيتن جو ترجمو وڏي جاکوڙ ۽ اڀياس سان ڪيائين. مٽي شنڪر موجب ڏنل ترجمي ۾ شاهہ لطيف جي بيتن جو پاٺ يعني پڙهٽي ڪلياڻ آڏواڻيءَ واري 'شاهہ جي رسالي' جي طرز تي ڏنل آهي.

ان وچ ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿي ويو ۽ مٽي شنڪر پنهنجي جنم ڀومي راجستان موٽي آيو. ترجمي جي ڪيل اڌپوري ڪم کي هن ڄڻ تہ وساري ڇڏيو هو، پر مهاراج نَيَن رام جي پُٽ ۽ سندس ڏاڏي وشنو شرما کيس اهو ڪم پورو ڪرڻ لاءِ وري همٿايو. مٽي شنڪر جي صحت سٺي ڪانہ پئي رهي، جوڌپور جي اسپتال ۾ علاج هيٺ رهندي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

به هُن اهو ڪم پورو ڪيو. ڪيل ترجمي جي جاچ ۽ سڌارا ڊاڪٽر موتيلال جوتوانيءَ ڪيا. ساهتيه اڪادمي، جيڪا ڀارت ۾ سڀني ٻولين جو سٺو ادب ۽ ان جا ترجما شايع ڪرڻ جو تمام اهم ڪم ڪندي آهي، تنهن اهو ترجمو 1969ع ۾ شايع ڪيو.

’ٻه لفظ‘ ڪان پوءِ اداري طرفان ڏنل نوٽ موجب مترجم ان ڪم کي ڪتابي صورت ۾ ڏسي ڪونه سگهيو. پاڻ 8 اپريل 1967ع تي وفات ڪيائين. ان ترجمي ۾ ٽيهن سُرن مان چونڊ 660 بيت ڏنل آهن.

ڪن هنڌن تي ترجما تمام سٺا ۽ صحيح بيٺا آهن. سوچنا ۽ معنيٰ سان گڏ احساس به پڙهندڙن تائين ڀرپور نموني پهچي ٿو. مثال طور:

جي مٽي وٽ مِڙن، ته سيڪنهن سَڏَ ٿئي،
سِر ڏِني سَٽ جُڙي، ته عاشق اِئن اَچن،
لَڌا تي لَين، مُلهه مهانگا سُپرين.
(آڏواڻي، سُر ڪلياڻ، 2/ 18)

ترجمو: يدي بدلي ۾ سِر ديني سي پريه پراپت هو سڪي تو سيڪي اَچا هو سڪتي هئي. سِر ديني سي ڀي سودا جُڙ جايه ته عاشق يون آ جائين. جنڪي نصيب ۾ لڪا هوتا هئي، وي هي اُسي پاسڪتي هئين. پريتم ڪا مول بڙا منهگا هئي. (بيت 29، ص: 53) ان ترجمي ۾ بيت جو اصل روح قائم آهي ۽ مفهوم به مڪمل نموني پهچي ٿو.

شاهه صاحب پنهنجي پرينءَ کي پنهنجو حبيب ۽ طبيب ڪوٺيندي چوي ٿو:

تون حبيب، تون طبيب، تون دارُون ڪي دردن،
تون ڏئين، تون لاهئين، ڏاتر! ڪي ڏُکندن،
تڏهين ڦَڪيون فَرقُ ڪن، جڏهين اَمرُ ڪريو اُن کي.
(آڏواڻي، سُر يمن ڪلياڻ، 2/1)

**ترجمو:** تُم هي ولڀ اور تُم هي وئديه هو. تم هي دکون کي دَوا هو. داتا! تم هي دکون کي داتا اور هَرتا هو. دوائون کي ڦاڪيان تڀي فائدا ڪرتي هئين، جب اُنهين تُمهارا آديش هوتا هي. (بيت 35، ص: 55)

ان ترجمي ۾ ’حبيب ۽ طبيب‘ لاءِ ترجمو ڪندڙ بيحد سهڻي نموني ’ولڀ اور وئديه‘ ڪم آندو آهي، ان ڪري شاهه واري تجنيس حرفي به قائم رهي آهي.

سڄڻ ڪيڏو من موجي آهي ۽ پنهنجي هلائي ٿو. عاشق کي سڀ منظور آهي:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪڏهن طاقيون ڏين، ڪڏهن ڪُلن دَرَ دوستن جا،
ڪڏهن اَچان، اَچڻُ نہ لهان، ڪڏهن ڪوٺيو نِين،
ڪڏهن سِڪان سڏ ڪي، ڪڏهن ڳُجهاندر ڳَرهين،
اَهڙا ئي آهين، صاحِبَ منهنجا سُپرين.
(آڏواڻي، سُر بروو سنڌي 8/1)

**ترجمو:** ڪيي وي دَروازي بند ڪرتي هئن، ڪيي ميري لئي ڪولتي هئن. ڪيي آنا چاهتين هوُن تہ اَندر آني ڪي آگيا نَهين مِلتي. ڪيي سوَيم بُلا ڪر لي جاتي هئن. ڪيي سَمبوڌن ڪي لئي ٻي ترس جاتي هوُن، تو ڪيي ڳُهل مِلڪر ڳپت باتين ڪرتي هئين. (بيت 498، ص: 193)

پرينءَ ڪي ڏسڻ وارن نيڻن لاءِ شاهہ چيو آهي:

اکڙيون پرين ري، جي ڪي ٻيو پَسن،
تہ ڪڍي ڪي ڪانگن، نِوالا نيڻ ڏيان.
(آڏواڻيءَ واري رسالي ۾ ڪونہ لڌو)

**ترجمو:** يَدي بالَم ڪي بِنا ٻي اَکيان ڪُڇ اور ديکين، تو اُنهين نِڪالڪر ڪوئون ڪو دي دون.

جهڙي سادگي اصل بيت ۾ آهي، ترجمو بہ اوتروئي سادگيءَ سان وڏي ڳالهہ چئي وجي ٿو.

هڪ ٻيو سنو مثال:

تَن تسبيح، مَن مڻيو، دل دنبورو جَنِ،
تندون جي طلب جون، وحدت سر وَڄَنِ،
"وحدهٗ لا شريڪ لهٗ،" اِهو راڳُ رَڳُنِ،
سي سُتا ئي جاڳَنِ، ننڊ عبادت اُن جي.
(آڏواڻي، سُر آسا، 4/ 26)

**ترجمو:** جِنڪا شَرير هي سُمرني (مالها) هئي، مَڻُئا مَنڪا هئي، هرديہ تانپورا هئي، اور جنڪي تمنا ڪي تار اُس ايڪاتما ڪي سات جنهڪرت هوتي هئين، 'وَه ايڪ هئي اور اُنپم هئي' يَهي راڳ جِنڪي رَڳ-رَڳ ۾ ڳوُنجتا هئي. وي سوتي هي جاڳي هئين اور اُنڪي ندرا هي عبادت هئي، پوُجا هئي. (بيت 617، ص: 233)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ترجمي ۾ اصل رچنا جا ڪي اهڙا لفظ بہ اچن ٿا جيڪي ان ٻوليءَ کي بہ پڙهندڙن تائين پهچائين ٿا، ان کان واقف ڪرائين ٿا. سنڌيءَ ۾ پيار جي لاءِ جيڪي مختلف لفظ واهپي ۾ اچن ٿا، تن سڀني جو لفظي ترجمو گهٽو ڏکيو آهي. سُر سارنگ جي بيت (245) 'اڄ پڻ اتر پار ڏي' جي ترجمي ۾ 'لالڻ' کي ترجمو ڪندڙ 'لالن' ڪري ڪنيو آهي، جيڪو هنديءَ جو نہ هوندي بہ وڻندڙ لڳي ٿو. ترجمو ڪندي نوان لفظ بہ گهڙجي ويندا آهن، اهڙوئي هڪڙو لفظ مون کي نظر آيو سُر سسئي آبريءَ جي بيت (285) 'هل هِئين سين هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار' ۾ 'قاصداڻي ڪار' لاءِ مترجم نئون لفظ 'دوُت پَدَتي' گهڙيو آهي، جيڪو ٺهڪي آيو آهي.

اِن هندي ترجمي ۾ جي 50 کن سٺا بيت آهن تہ ڏيڍ سو کن اهڙا بيت آهن، جيڪي معنيٰ، ڀاوَ، ٻولي، عبارت، تهذيبي ڄاڻ، سوچ ۽ ويچار جي آڌار تي يا تہ ڪچا ڦڪا آهن يا ماڳهي غلط ترجمو ٿيا آهن. سُٺا بيت ڳولهڻ ۾ ڏاڍي جفاڪشي ڪرڻي پيم، پر غلطين سان ڀريل بيت تمام گهڻا مليا.

ڪيترن ئي هنڌن تي معنيٰ جون غلطيون آهن، ڪيترن بيتن جو ترجمو صحيح هوندي بہ شاهہ جي بيت جو احساس نٿو ڪرائي، ڪن هنڌن تي تہ ترجمي جي اوڻائيءَ جي ڪري پڙهندڙ شاهہ جي اوچ ڪلام کي نہ سمجهي سگهندو، نہ ئي ساراهي سگهندو. اهڙا ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

صوفي مت جو سنيهو ڏيندڙ شاهہ جو بيت 'پڙاڏو سو سڏ، ورُ ورائيءَ جو جي لهين' (بيت 10) ۾ شاهہ 'وائيءَ' ۾ جنهن وَر جي ڳالهہ ڪئي آهي، سوئي صوفي مت جو تت آهي تہ جيڪو پڙاڏو مخلوق آهي سوئي سڏ (خالق) آهي. وائيءَ جو وَر يعني ٽِوسٽ اهوئي آهي، جيڪو ترجمي مان غائب آهي، ان جي بجاءِ ڪنهن بہ واٽيءَ جو رهسيہ (ڀيد) ٿو ڀاسي.

بيت 13 ۾ شاهہ صاحب من جي دک کي دور ڪرڻ لاءِ ڪاڙهو پيئاريندڙ ويڄ کي انڌو ۽ ڇسو ڪوٺيندي ڇيو آهي تہ تون منهنجي ڪل ڇو ٿو ڪائين؟ (انڌا اونڌا ويڄ، ڪل ڪڄاڙيا ڪائين) پر مترجم مفهوم ئي مٽائي ڇڏيو آهي ۽ 'ڪل' جو مطلب 'دوا' ڪيندي ڇيو تہ اسين ڪل يعني دوا ڇو ڪائون؟ شاهہ 'ڏيل' لفظ 'من' لاءِ ڪتب آندو آهي تہ، مترجم لغتي معنيٰ 'شرير' ڪڍي لکيو آهي تہ : "اسان جو شرير ڏکي ٿو ۽ تون ڪاڙهو پياري رهيو آهين"، جي شرير ئي درد ڪري رهيو آهي تہ پوءِ ڪاڙهو پياري ڇا

غلط ڪري رهيو آهي! انهيءَ بيت جي پڇاڙي آهي تہ، جيڪي سوريءَ کي سيج پائين ٿا، تن لاءِ مرڻ مشاهدو يعني محبوب جو مشاهدو آهي. تنهنجو ترجمو ’مهان کي درشن‘ ڪري پيار ڪان پري ڪنهن پڳوان جو درشن ٿو پاسي!.

سنڌي ۾ ’ج‘ زمان مستقبل جو ٽيڻ وارو فعل آهي. بيت 15 ۾ ’سسي ڏار ڏري، پيچ پوءِ پريتڻو‘ ۾ ’پيچ‘ بدران ’پيڇٽو آهي‘ ترجمو ڪري فعل جو روپ مٽائي ڇڏيو ۽ ان ڪري شاهہ جيڪو سڌو سامهون ڳالهائي رهيو آهي، سو بہ بدلجي ٿو وڃي.

’ڪاتي جا قريب جي‘ (بيت 20، ص: 50) ۾ شاهہ پرين کي ’قريب‘ سڏيو آهي، جنهن جو ترجمو ’ڪانت‘ مطلب مڙس ڪيو آهي. ائين ڪرڻ سان معنيٰ جي وڇوٽي پيدا ٿئي ٿي. ’عاشق پنهنجو انگ، الله ڪارڻ وڍيو‘ ۾ جتي شاهہ بيحد خوبصورت اظهار ڪيو آهي، اتي ترجمي ۾ ’پريمي جنوني ني اَپنا اَنگ الا (الله) ڪي لئي ٹُڪڙي ٹُڪڙي ڪر ديا هئي‘ صفا پتو ۽ رکو ٿو لڳي.

معنائن جي وڇوٽين ۽ غلطين وارا ڪيترائي بيت آهن:

رڳون ٿيون رباب، وڄن ويل سيڪنهين،
لُڇڻ، ڪُڇڻ نہ ٿيو، جانبُ ري جَبابُ،
سوئي سنڌيندم سُپرين، ڪَيسِ جنهن ڪَبابُ،
سوئي عينُ عذاب، سوئي راحت روح جي.
(آڏواڻي، سُر ڪلياڻ، 3/ 4)

ترجمي ۾ (بيت 30) رباب کي تانپورو چيل آهي. ’جانب ري جباب‘ جي معنيٰ ’پريتم لاجواب هئي‘ ڪيل آهي، جڏهن تہ صحيح معنيٰ آهي تہ لڇندڙ عاشق ڇا ڪُڇي، ڇو جو پرين ري جواب يعني خاموش آهي.

جان ڪِي ڪري طبيبُ، دارُون هن دردَ جا،
هٽيو سي حبيبُ، اُڪوڙيو اَڏَ ڪري.
(شاهواڻي، يمن ڪلياڻ، 5/1)

ترجمي ۾ ’اُڪوڙيو اڏ ڪري‘ شعر ۾ جهڙو اثر ڇڏي ٿو، ترجمي ۾ جيئن جو تيئن رکڻ سان پنهنجو اثر وڃائي ويهي ٿو: ’پريتم پر هار ڪر اُسي اُڪاڙ آڌا ڪر ديتي هئين‘.

سُر سهڻيءَ ۾ هڪ بيت ۾ ’ڪَنڌيءَ اُپيون ڪيتريون، ساهڙ ساهڙ ڪن‘ (1،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

3، 91) جي ترجمي ۾ ’ساهڙ‘ جو ترجمو ’سوامي‘ (بيت 188) ڪيل آهي. بيت 195 ۾ ’ساهڙ، سا سهڻي‘ ۾ ’ساهڙ‘ جي معنيٰ ’شوهر‘ ڏني ويئي آهي، بيت 219 ۾ ’پليرا سُپرين‘ جو ترجمو ’ميري پلي پڳوان‘ ڪيل آهي، جيڪو شاهه جي سچي فيلسوفيءَ جي ابتڙ ٿو لڳي. شاهه عاشق جي ڳالهه ڪري ٿو تہ ترجمو ڄڻ ڀَڪت ۽ ڀڳوان جي.

ڪيترن هنڌن تي گرامر نہ سمجهڻ ڪري مطلب ۽ مفهوم بدلجي ويا آهن. 278 ۾ ’ڏونگر ڏوراپن سين، ڪاتيءَ ريءَ ڪُنوم‘ ۾ سسئي چوي ٿي تہ ڏونگر مون کي منهنجي سُتي رهڻ تي ڏوراپا ڏيئي بنا ڪاتيءَ وڍي وڌو آهي تہ، ترجمو چوي ٿو: ”بِنا ڇري کي هي مئنين ڊُونگر کو الاهنون سي قتل کر ديا هئي.“ بيت 295 ۾ ’ڪين ڪڍيو ڪنڌ، منجهان سَڱُ، سيد چوي‘ ۾ شاهه چوي ٿو تہ تنهنجو جيءُ هڪ پيرو جانب سان جڙي ويو تہ اهو سڱ ٽوڙي نہ سگهندين، پر ان جو ترجمو ڪيل آهي، ’سيد ڪا کهنا هئي کِ اِسڪي سنگت سي تجهي ڪوئي نهين نڪال پائيگا‘. ترجمي ۾ ضميري پڇاڙيون سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي خصوصيت آهن، جنهن جو صحيح مطلب نہ سمجهڻ ڪري معنيٰ غلط ٿي نڪري.

سُر سسئي آبريءَ ۾ بيت 277 ۾ ’وٽڪار‘ کي ڪو خاص جهنگ سمجهي ان جي معنيٰ ’لسٻيلي جي هڪ جهنگ جو نالو، جتي پنهون رهندو هو‘ ڏني وئي آهي. بيت 280 ۾ ’جت ڪُڙم نہ قبيلا، اُت رَسِج رهبر راهه ۾‘ جي ترجمي ۾ ’رهبر‘ جي معنيٰ سوُنهين بدران ’همراهي‘ ڏني ويئي آهي.

ترجمي جي ٻوليءَ ۾ شاهه وارو احساس نہ هئڻ ڪري ڪيترن ئي هنڌن تي ترجمو عجيب ۽ رُکو محسوس ٿو ٿئي. سُر سسئي آبريءَ جي بيت (290) ۾ ’وِهو وچ رهن، سهسين سَڏُن واريون‘ جو ترجمو ’ڪيول اچائين ڪرنيوالي هزارون مَهِلائين بيچ ۾ هي بٺ جاتي هئن‘، لفظ ’مهلائين‘ جي استعمال معنيٰ ۽ مفهوم کي متائي ڇڏيو آهي.

بيت 305 ۾ ’رتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙايم جت سين‘ ۾ ’رتيءَ جي رهاڻ‘ جو ترجمو، رتي ڀر روح بهلاني کي لئي اپن جي پنهون سي اڙايا‘ ڪيل آهي، جيڪو غلط آهي. شاهه پنهونءَ لاءِ ’آري‘ لفظ ڪم آندو آهي ۽ سسئي پاڻ کي ’آرياڻي‘ سڏيو آهي. مترجم ’آرياڻي‘مان ’آري‘ جو مطلب ’آريہ‘ ڪڍي بيت (297) ’موٽڻ جي مصلحت، مون کي نہ ڏيو جيڏيون‘ جو ترجمو ڪندي لکيو آهي، ’يهان سي نڪلڪر مجهي اُس کي درشن ڪرٽي هئن‘. ’آريہ‘ لفظ جو اهو استعمال، ’هاري‘ لاءِ ’پَراجتي‘

۾ ’اگهاڙي‘ لاءِ ’وِيت وَسني‘ (سُر ڪاپائتي، بيت 580) جهڙو استعمال مون کي سنڌيءَ بدران سنسڪرت ناٽڪ جو احساس ڏياري ٿو. لڳو ته شاهه نه ڪاليداس پيئي پڙهان.

سُر معذوريءَ جي بيت (329) ’وارو! مُون وٽراهِ ! ڪا سڌ سُونهپَ جي نه ڏيو؟‘ (آڏواڻي، سُر معذوري، 3/3) جو ترجمو آهي: ’ونراج ! مجهي افسوس هئي ڪِ تُو مجهي سُندرتَم ڪي سُڌِي نهين ديتا‘ جيڪو بلڪل غلط آهي. افسوس، دک ۽ درد جو اظهار ’وارو!‘ کي ’وڻ‘ سان جوڙيندي ’وَنَ جو راجا‘ سمجهيو ويو آهي، ۽ ’سونهپ‘ کي ’سونهن‘ سمجهي، ان جي معنيٰ ’راهه ڏيکاريندڙ‘ بدران ’سهڻو‘ ڏنل آهي.

سُر ديسي ۾ بيت (370) ’لڏيندي لباس‘ ۾ ’اچي آري ڄام جو، وڻ وڻ منجهان واس‘ ۾ وڻ وڻ مان پرين جو واس اچڻ، مان جيڪو احساس ٿئي ٿو، ترجمي ۾ ’ساجن ڪا سورڀ پيڙ پيڙ ۾ سي آ رها هئي‘ ٻاراڻو ۽ بسو لڳي ٿو. بيت (388) ’پنهون سين پريت جو ڪو جو پيچ پيوم‘ ۾ ’ڪاڪيون‘ جو مطلب ’چاچيون‘ ڏنل آهي. شاهه سياڻي ڳالهه ڪندڙ سسئيءَ جي ساهيڙين لاءِ اهو لفظ ڪم آندو آهي، جڏهن ته ترجمو ڪندڙ ان جي معنيٰ ’چاچي‘ ڪنيئن آهي، جڻ ته سسئيءَ جون وڏيون مائٽياڻيون ڪيس روڪي رهيون هجن. تيئن ئي بيت 390 ۾ ’لطفون‘ جو مطلب ’مهر يا ڪرپا سان‘ ڪرڻ بدران ’مزي سان‘ ڪيل آهي، ’اُسرڻ‘ جي معنيٰ ’پرگهٽ ٿيڻ‘ بدران ’ڦوٽڪر‘ ڏنل آهي. ’مئي‘ لفظ جيڪو رسالي ۾ سوين ڀيرا آيو آهي، تنهن کي ڇڏي ئي ڏنو ويو آهي.

ڪيترن هنڌن تي ترجمو صحيح هوندي به اُبتو اثر ٿو ڪري. سُر مومل راڻو ۾ ’رُس مَ رُسڻ گهوريو‘ (510) بيحد خوبصورت بيت آهي، پر ان جو ترجمو ڏسو: ’رُوٺ مت، رُوٺنا پَر پايا. راڻا! پڪشپات ڇوڙ، ميري دوش دؤر ڪر...‘ راڻي کي پرچائڻ بدران ڄڻ حڪم آهي.

سُر ليلا چنيسر ۾ ’اوگڻ ڪري اپار، تو در آيس داسڙا‘ (554) ۾ ’داسڙا‘ جي معنيٰ چنيسر بدران ’داسي‘ ڪئي ڇيل آهي ته ’اپار اوجڻ ڪري هيءَ داسي تنهنجي در آئي آهي.‘

سُر بلاول ۾ بيت ’تَڙِ تَڙِ ڪيمَ ترس‘ (562) ۾ ’پاڳ تنهين پَس‘ جو ترجمو ’پداڪ‘ معنيٰ ’پير‘ ڪندي ڇيل آهي ته ’ان جا ئي پير نهار‘. ’ڪوڙين لاهي ڪَسُ، جي ڳالهائي ڳاٽ ڪري‘ جو گرامر نه سمجهڻ ڪري ترجمو آهي، ’جو گردن اونچي رک ڪر بات ڪرتي هئن، وي اپني ڪو گهاٽي ۾ رکتي هئين‘.

سُر ڏهر ۾ بيت ’ڪڏهين مڙهه مقام ۾، ڪڏهين ڳاڙهو گهوٽ‘ جي ترجمو ڪيل آهي ’لال لال دولها‘ جيڪو پڙهي ڪل ٿي اچي ته هي چيل ڇا آهي آخر!

هندي ڇاپي ۾ لفظي ترجمي جي ڪري شاهه جي ٻولي ۽ عبارت ڪي وڏو ڌڪ رسيو آهي. مناسب ترجمو تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن ٻنهي ٻولين تي مهارت هئڻ سان گڏ اصل لکندڙ جي سوچ ۽ فڪر بابت ڄاڻ هجي. شاهه کي سمجهڻ لاءِ شاهه جي فلاسافيءَ سمجهڻ ضروري آهي. هيءُ هندي ترجمو عشق مجازي ۽ عشق حقيقي بدران شاهه کي ڄڻ پڳوان جو هڪ ڀڳت ڪري ڏيکاري ٿو، جيڪو ان سنسار ساگر کان پار پهچڻ چاهي ٿو.

ترجمي مان پنهنجائپ بدران ڄڻ اوپرائپ جو احساس ٿئي ٿو. مهاڳ مان پروڙ پوي ٿي ته ،ترجم ڪافي عرصو سنڌ ۾ رهيو آهي، پر ترجمو پڙهي احساس ٿيو ته شاهه کي ترجمو ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ رهڻ ناڪافي آهي، ان لاءِ سنڌي هئڻ به ضروري آهي، شاهه کي محسوس ڪرڻ به ضروري آهي. شاهه جي شعر جي جماليات مون کي ترجمي ۾ ڳولهيندي ڪٿي به نظر نه آئي، ائين لڳو شاهه جي شعر جو رس پيئڻ بدران وات ۾ ڄڻ ڇوُتا پيا لڳن، ڦوڳ ڏنو ويو آهي. سچ، سٺي شعر جو سٺو ترجمو ناممڪن بيشڪ نه هجي، ناممڪن جهڙو اَوس آهي.

## (ب) گجراتي ترجمو – دُليراءِ ڪاراڻي

دُليراءِ ڪاراڻي، گجراتي ۽ ڪڇي ٻوليءَ جو وڏو ڄاڻو ۽ محقق هو. هن سنت ساهتيه، لوڪ ادب، ڪڇ جي تواريخ جو اونهو اڀياس ڪري ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. دليراءِ جڏهن شاهه جو شعر پڙهيو ته هو ان جو شائق ٿي پيو ۽ ان جو گجراتي ترجمو ڪري گجراتي ادب کي ان سان واقف ڪرايائين. دليراءِ ڪاراڻيءَ هيءُ ترجمو ’رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو‘ (ص 403) احمدآباد (گجرات) مان 1979ع ۾ پاڻ ڇپائي پڌرو ڪيو.

دليراءِ ڪاراڻيءَ ترجمي جي شروعات ۾ شاهه جي جيون ۽ سندس شعر بابت تفصيل سان ڄاڻ ڏني آهي. شاهه جي شعر جي ساراهه ڪندي لکي ٿو ته، ’شاهه جي رسالي ۾ سنڌ ۽ ڪڇ جي پريم ڪٿائن جا ڪردار سسئي پنهون، سهڻي ميهار، مومل راڻو، لِيلا چنيسر، عمر مارئي وغيره کي اهڙي نموني دل کي ڇهندڙ بيتن ۽ ڪافين ۾



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پرويو آهي، جو لوڪ جي دلين مان اهو ڪڏهن بہ ميسارجڻو ناهي. عشق مجازيءَ جو بيان ڪندڙ سندن ٻاٽيءَ ڪي اندرين نظر سان پڙهندي ان ۾ عشق حقيقي ٽمٽار نظر ايندو. شاهہ جي هر بيت ۾ ڪو نہ ڪو اونهو راز آهي. سندس شعر ۾ عشق آهي، درد آهي، ڳوڙها آهن ۽ اهي ان ريت ڳنڍيل ۽ ڳتيل آهن جو ڪنهن بہ حساس دل کي جڪڙي وٺن. سندس ٻاٽيءَ جي پريم-پاش مان پاڻ کي ڇڏائڻ ڏکيو آهي.

ڪاراٽيءَ مهاڳ ۾ ٽي شاهہ جا بہ اهي بيت درج ڪيا آهن جن ۾ نارايڻ سروَر ۽ ڪوٽيشور جو ذڪر آهي. هنن بيتن جو پاٺ هتي ڪاراٽيءَ وارو ٽي ڏجي ٿو:

نهايہ جي نارانڻ سر، سمري هڪڙي ساءِ،
اوڏو آيہ اللہ، ڪوٽيسر جي ڪُنڍ تي.

(جو نارايڻ سر ۾ سنان ڪري ٿو ۽ هڪ ساهہ ۾ سمري ٿو، تنهن لاءِ ڪوٽيشور جي ڪنڊ ۾ سنان ڪرڻ واري کان پرماتما دوُر ناهي) (ص 11)

ڪوٽيسر جي ڪُنڍ تين، ريئو آهي رام،
جِن سنساني سمريئو، انڊر ٿيو آرام،
ڪروڌ ۽ ڪام، ويا وجودا نڪري.

(ڪوٽيشر ڪنڊ تي رامچندر جي جو واسو آهي، جيڪو سنياسي ان کي ياد ڪري ٿو، ان جي اندر کي آرام ۽ شانتي ملي ٿي. ڪام ڪروڌ وغيره سرير مان نڪري وڃن ٿا.) (ص 11)

ڪاراٽيءَ موجب شاهہ جي اصلي رسالي ۾ تہ اٽڪل پنج هزار بيت آهن، پر هن هڪ هزار بيت ترجمو ڪيا آهن. هن ان مهاڳ ۾ راجستان سرڪار جي (مومل جي لوڪ ڪهاڻي ۽ مومل جي ماڙيءَ جو فوٽو موڪلڻ لاءِ) ۽ پاڪستان سرڪار جي (شاهہ جي مقبري جي تصوير موڪلڻ لاءِ) شڪرگذاري مڃي آهي، جنهن مان ڄاڻ پوي ٿي تہ هن صاحب نہ رڳو شاهہ جي رسالي جي ترجمي جو، پر شاهہ سان وابستہ ٻين ڳالهين جو بہ ڌيان رکيو آهي.

دليراءِ واري هن ترجمي ۾ ڪل 36 سُر آهن. ڪلياڻ آڏواڻيءَ واري رسالي ۾ ڏنل ٽيهن سُرن کان سواءِ ڇهہ سُر آهن: بيراڳ هندي، هير رانجها، سِينهُن ڪيڏارو، ڍول مارئي، ڌناسري، بسنت بهار. هر سُر جي شروعات ۾ ان سُر جو ڪجهہ بيان بہ ڏنل آهي. مهاڳ ۾ اهو ڄاڻايل ناهي تہ اهي بيت ۽ انهن جي پڙهڻي شاهہ جي رسالي جي ڪهڙي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نسخي تان ڪنيل آهي.

دليراءِ پاڻ ڪڇي هو، ان ڪري سندس گجراتي ترجمو، اصل سنڌيءَ جي وڌيڪ ويجهو آهي. هڪ ڳالهه ڌيان ڇڪائي ٿي تہ ترجمي ۾ ڏنل اصل بيتن ۾ لفظن جي بيهڪ، سنڌيءَ بدران ڪڇيءَ جي ويجهي آهي. جيئن: ’سيد‘ بدران ’سيڏ‘ (ص: 128)، ’ننڊ‘ بدران ’نِنڊُ‘ (ص: 236)، ’ڳالهائين‘ بدران ’گالائين‘ (ص: 229)، ’نصيب‘ بدران ’نصيپ‘ (ص: 154) وغيره.

ڪڇي لهجي وارو هڪ بيت مثال طور پيش آهي:

’آن جي ڊِنا هوُنَ، اللا (الله) ڪارَڻ گالَ ڪَريئو،
نيڻَ مُنهَنجا روُن، راتو ڊِينهان اُن ڪي.
(ص: 153)

ڪاراڻيءَ شاهہ وارو انداز قائم رکندي پنهنجي ٻوليءَ ۾ اها رواني رکي آهي. مثال ڏسو:

’جتن ڪج جتن جو، آيا ڪ ايندا،
وني پاڻ پنهون پاڻ سين، وتان تو ويندا‘

**ترجمو:** او سسئي! تون آ جَت لوڪو تي سنڀالجي! اي تو آويا ڪي آوشي! پنهون لَئي ني تاري پاسي تي چاليا جشي، ايڪ پَلَڪ پَڻ توپيا وِنا پوتانا وطن پر سِڌاوي جَشي. (ص: 117)

بيت جي شروعات ۾ ’او سسئي‘ ۽ پوءِ اهڙي ٻولي جيڪا جڻ ڪا ڳالهہ ٻولهہ پيئي لڳي، شاهہ جي اصل بيت کي گهٽ نٿي ٿيڻ ڏي.

سُر مومل راڻو جي بيت ’وتِ سوريندي ولها، ويئو تيل ٻري‘ جو ترجمو هن ريت آهي: ترجمو: او وَهالا! ديواني واٹ ني واٹ ني سنڪور تا تمام تيل ٻڙي گيوُن. (زندگي ختم ٿي گئي) او پيارا مسافر! تونچانگا (اونٹ) پر چڙي ني پاچو ڦر! راٹا ماٹي رَڙتا رَڙتا آکي رات ويتي گئي.

ترجمي لاءِ اصل پاٺ تمام ضروري آهي، نہ تہ ترجمو غلط ۽ اُبتو ٿي سگهي ٿو. اهڙو هڪ مثال ڏجي ٿو:

ڪَراڙ ڏونگر، ڪَهَ گهٽي، جت مِينهن وسن ماڪون،
سُجن ٿيون سيد چئي، هاڙهي جون هاڪون،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جِت انڊيون اوطاقون، تِتِ ڪاهي رَسِج، ڪارٽي!

دليراءِ واري ترجمي ۾ هي بيت هن نموني آهي:

ڪَراڙ ڏُونگر ڪَه گهٽي، جِت مينهن نہ وَسن ماڪُون،
سُجَن تِيِيون سئيَڌ چَئي، هاڙي جيون هاڪُن،
جِت اَنڊيِيون اولاڪُون، تِت ڪاهي رَسج ڪارٽي.
(ص: 127)

(جبل ڪرڙا آهن. انهن تي نہ ئي برسات پوي ٿي، نہ ئي ماڪ پوي ٿي. سيد چوي ٿو تہ هاڙا جبل جا هوڪا ئي ٻڌجن ٿا. اُتي اَنڊين اُنين ڪي سنڀالڻ لاءِ او مالڪ! تون ڊوڙي اچجانءِ)

اصل بيت موجب جبل تي مينهن وسڪارا ڪري پون ٿا. بيت ۾ ’اوطاقون‘ لفظ آهي، ان ڪري ترجمو ’اونداها ماڳ‘ ڪيل آهي. جڏهن تہ گجراتي ترجمي ۾ ’اولاڪون‘ لفظ ڏيئي ان جو ترجمو ’انڊيون اُنيون‘ ڪيل آهي، جنهن سان بيت جي معنيٰ بدلجي وڃي ٿي.

اهڙو هِڪ ٻيو بيت ڏسو:

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرِين؟
لڏيو لاڏُوٽا ڪيو، پنهنجي ديس وڃن،
پچاٽا پرِيَنِ، ڪجي ٻَس پنيور ڪان.
(آڏواٽي، سُر ديسي، 1/7)

اهو بيت دليراءِ جي گجراتي ترجمي ۾ هن ريت ڏنل آهي:

دِسي سيڻ ڪِجن، پرديشي ڪيڙا پرِين؟
لڏيئو لاڊُوٽا ڪيئو پانهجي ديس وِجن،
پُجاٽان پرِين، ڪجي ٻَس پنيور ڪان.
(ص: 116)

جتي اصل بيت موجب ’ديسي‘ سيڻ ڪرڻ گهرجن، گجراتي ترجمي موجب ’ڏسي وائسي‘ سيڻ ڪرڻ گهرجن.

ڪن غلطين، غلط پڙهٽين ڪان سواءِ دليراءِ جو ڪيل هيءُ ترجمو تمام سٺو آهي. سندس ٻولي ۽ ڀاوَ دل کي ڇهندڙ. شاهہ وانگر تمام پنهنجائپ وارو آهي. پرينءَ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪي پرينءَ جي روپ ۾ ٿي ڏيڪاريل آهي.

## (ٻ) انگريزي ترجمو- انجو ماڪيجا ۽ هري درياڻي 'دلگير'

دهليءَ ۾ 'ڪٿا' نالي هڪ ادارو ترجمي سان وابستہ آهي ۽ تمام سٺو ڪم ڪري رهيو آهي. ان طرفان سال 2005ع ۾ شاهہ جي چونڊ شعر 'شاهہ عبداللطيف — سيڪنگ د بيلَوِڊ' (ص 282) شايع ڪيو ويو، جيڪو انجُو ماڪيجا ۽ سدا حيات هري درياڻي 'دلگير' جو ڪيل انگريزي ترجمو آهي. اَنجُو پاڻ سنڌي ڪونہ ڄاڻي، پر انگريزيءَ جي ماهر آهي.

ترجمو انگريزيءَ ۾ آهي، ان ڪري مون سمجهيو تہ شايد اهو ترجمو اجا پري هوندو، پر منهنجي سوچ غلط ثابت ٿي ۽ تنهن لاءِ مون کي بيحد خوشي بہ ٿي جو ان ترجمي تي سنڌيءَ جي تمام سٺي شاعر ۽ سنڌي ۽ انگريزيءَ تي مهارت رکندڙ سدا حيات هري دلگير جو قلم هليو آهي، ان ڪري اهو ڪمال ٿي سگهيو آهي.

مهاڳ ۾ انجُو ماڪيجا موجب، پارتي انگريزي عالمن شاهہ لطيف جي شعر کي نظرانداز ڪيو آهي، ان ڪري هيل تائين شاهہ جو ترجمو ڪونہ ٿي سگهيو آهي. ڪيترا ان شعر کي ڏکيو ٿا سمجهن تہ ڪيترا وري ان جي گهاڙيٽي کي. هو بيحد خوبصورتيءَ سان اسلامڪ، پرشين ۽ هندو فلاسافيءَ کي لوڪ ڪٿائن ذريعي ڳنڍيندو هلي ٿو.

هن ترجمي ۾ ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي شاهہ جي رسالي کي بنياد بنايو ويو آهي. سُر موجب هلندي هر بيت هيٺان داستان ۽ بيت جو نمبر پڻ ڏنل آهي. هندي ۽ گجراتي ترجمي ۾ اها وڏي کوٽ هئي، جنهن ڪري انهن بيتن کي اصل رسالي ۾ ڳولهڻ منهنجي لاءِ تمام ڏکيو ڪم ٿي پيو هو. هتي بيتن جي چونڊ، ان جي ادبي ملهہ، مفهوم ۽ شاهہ جي فڪر ۽ فلسفي جي آڌار تي ڪئي ويئي آهي. شاهہ جو مِيٽر ۽ رائيم رکڻ ناممڪن هو، ان ڪري اهو ترجمو 'فري وَرس' ۾ آهي. هر سُر جي شروعات ۾ ان بابت ٿوري ڄاڻ پڻ ڏنل آهي.

مهاڳ ۾ هري دلگير هڪ خاص ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي تہ، شاهہ جي چونڊ شعر جا ڪجهہ ترجما جيڪي انگريزي، اردو ۽ هنديءَ ۾ ٿيا آهن، سي دل کي سنتوش نٿا ڏين، ڇو جو ان ۾ اصل شعر جي خوبين ۽ موسيقيءَ جي معيار کي آڏو رکندي آزاد ترجمو ڪيو ويو آهي. ان کي ڌيان ۾ رکندي اسان اهي ئي بيت چونڊيا آهن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جن جو ’فري ورس‘ ۾ اثرائتو ۽ بامقصد ترجمو ٿي سگهي.

هِہ ٿي مثال پيش ڪجن ٿا، جن جي اوک ڊوک ڪرڻ بدران انهن جو لطف وٺڻ ضروري آهي، ڇو جو ترجمو واقعي سٺو آهي.

With arrows in your bow
shoot me
but beware
my friend
you are within me
you may strike yourself
(yaman kalian, p 61)

You cease to be a true kafir,
Refrain from calling yourself one.
Unfit for janio tilak,
You are not even a true hindu.
)aasaa, p 116)

With a fine needle
My spirit is attached
To maroos

Soomra my body is in your fort
My soul in those shanties.
(Umer Maarui, p 159)

ڪتاب جي آخر ۾ اٽڪل ستر لفظن جي معنيٰ يا سمجهاڻي پڻ ڏنل آهي. ترجمي ۾ ڪيترن ئي سنڌي لفظن جو جيئن جو تيئن استعمال پڻ ڪيل آهي، جيڪو سنڌي ڄاڻندڙ کي تہ وڻندو، پر غيرسنڌي پاٺڪ لاءِ انگريزي بيتن جي وچ ۾ ’جڻيو، تلڪ‘ وغيره سمجهڻ ڏکيو آهي. ’مارُوءِ سوُمرا‘ جهڙا خاص لفظ جيئن جو تيئن ڪتب آيل آهي، ترجمو ڪندڙ تمام سٺو ڪيو آهي، پر ان سان گڏوگڏ انهن لفظن بابت ڄاڻ ڏيڻ پڻ ضروري لڳي ٿو.

مون کي ٿنهي ترجمن مان انگريزي ترجمو شاهہ جي ويجهو، شاهہ جي ٻولي ۽ فڪر کي ان ئي اونهائي ۽ سادگيءَ سان پيش ڪندڙ لڳو، ان جو سبب اهو آهي جو مترجم پاڻ سٺو شاعر ۽ ٻنهي ٻولين تي مهارت رکندڙ آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

’شاهہ جو رسالي‘ جي يا ڪٽي چئجي تہ شاهہ جي چوندڊ شعر جي انهن ٽنهي ترجمن جو اپياس ڪندي اها ڳالهہ چٽي ٿئي ٿي تہ هنديءَ ۾ ترجمو ڪندڙ مٽي شنڪر سنڌ ۾ پل رهيو، پر سنڌي ٻولي سندس دماغ ۾ دل ۾ نہ، پر لغت ۾ آهي. گجراتيءَ ۾ ترجمو ڪندڙ ڪاراڻي ڪڇي هئڻ ڪري سنڌي وڌيڪ بهتر سمجهي ٿو، ان وٽ ٻوليءَ جو احساس هئڻ ڪري سوچ جو احساس پڻ آهي. جيتوڻيڪ ڪن هنڌن تي ان وڌيڪ ڇاڻ نقصان پهچايو آهي. انگريزي، جيتوڻيڪ هڪ پرڏيهي ٻولي آهي، ان هوندي بہ انگريزي ترجمو بيحد اثرائتو ۽ خوبصورت آهي، جنهن جو پورو شرف شاعر دلگير ۽ انگريزيءَ جي سٺي ڄاڻو اَنجُو ماکيجا کي آهي.

سٺي ۽ ايمانداراڻي ترجمي لاءِ ٻنهي ٻولين جي پوري ڄاڻ ۽ سمجهہ هئڻ بيحد اهم آهي. سٺي ترجمي لاءِ اصل ٻوليءَ جو ڄاڻو کپي، جيڪو ٻوليءَ جي سادگي ۽ گهرائيءَ جو ڄاڻو هئڻ گهرجي، ان جي تهذيبي عنصرن کي سمجهي. شعر جو ترجمو جي سٺي شاعر ڪيو آهي تہ، اهو تمام خوبصورت بيٺو آهي.

اڄ جڏهن سڄي دنيا صوفي شاعريءَ جي ديواني آهي، وڏن وڏن مسئلن ۾ ڦاٿل انسان جي روح کي راحت، پيار ۽ امن جي ضرورت آهي، تڏهن شاهہ کان وڏو ٻيو ڪهڙو شاعر ٿي سگهي ٿو، جيڪو اها اُڄ اُجهائي يا اُڄ جاڳائي! شاهہ رڳو هڪ شاعر ناهي، بلڪ سڄي سنڌي قوم ۽ تهذيب جو عڪس آهي. سندس ترجمي سان سنڌي ئي پورو انصاف ڪري سگهندو. ان ڪري اسان کي ان جي اهميت سمجهندي، شاهہ جي رسالي جا جدا جدا ٻولين ۾ سٺا ترجما ڪرڻ ۽ ڪرائڻ گهرجن، جيئن شاهہ جي شاهہ صورت دنيا جي سامهون وڌيڪ چٽي ٿئي ۽ هُو جنهن مانَ ۽ عزت جو حقدار آهي، سو کيس ڏيئي ۽ ڏياري سگهجي.

## References:


1. Mani Shankar Dwivedi, Shah Latif ka kaavya (Hindi). Trans, Delhi, 1969.
2. Dulerai Karani, Risalo Shah Abdul Latif Bhitaai-a Jo (Gujrati). Trans, Ahmedabad, 1979.
3. Anju Makhija and Hari Daryani Dilgir, Seeking the Beloved (English). Trans, Katha, 2005.


Shah Abdul Latif Bhittai Chair